# ماہوار سائنس

UNIVERSITY OF SIND
سندھ یونیورسٹی




آگست ۱۹۷۳ء

# ماهوار سائنس

سال ۰۰۰۰۰۰ [۳] آگسٽ ۱۹۷۳ع پرچو ۰۰۰۰۰ [۸]



باني

الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه

وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ

چيف ايڊيٽر

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

ايڊيٽر

ڊاڪٽر سيد وڏل شاهه

محمد شريف ميمڻ

اسسٽنٽ ايڊيٽر

غلام مرتضيٰ پني

انچارج ٻارن جا صفحا

الهڏايو سهاڳيا

آرٽسٽ

دارا ابڙو

آفيسون

ايڊيٽر: انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري سنڌ يونيورسٽي- ڄامشورو

مئنيجر: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي- ڄامشورو

قيمت

في پرچو سوا رپيو

ساليانو ۱۴ رپيا


## فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| هڪ گهرڙا جانور | ۵ |
| نفسيات جو حقيقتون، معلومات ۽ حاصلات | ۹ |
| ذيابيطس | ۱۳ |
| گندگاهه ۽ انهن کان بچاءَ جا طريقا | ۱۷ |
| ذهني ٽڪاوٽ | ۲۱ |
| سٺي گوشت جي سڃاڻپ | ۲۳ |

### ٻارن جا صفحا

| | |
|---|---|
| خلائي لباس | ۲۵ |
| سائنسي ونڊر | ۲۶ |
| زنده ڪوڙر ۽ زنده نوڪري | ۲۷ |
| پوهٽ | ۲۹ |
| سائنس ڪلب | ۳۳ |
| وائرليس (ٽرانسميٽر) سيٽ ٺاهڻ جو طريقو | ۳۵ |
| سائنسي معلومات | ۳۶ |
| پڇو ۽ ٻڌايو | ۳۸ |



# سائنسي تعليم لاءِ نئون نصاب

ماهرين تعليم جي هڪ جماعت طرفان پرائمري ۽ مڊل اسڪولن ۾ سائنس پڙهائڻ لاءِ هڪ نئون نصاب تيار ڪيو ويو آهي. هن نصاب جو مقصد اهو آهي ته شاگردن جي انهيءَ رجحان کي بلڪل بدلايو وڃي جنهن موجب اهي سائنسي حقيقتن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ بدران رڳو طوطي وانگر ياد ڪري ڇڏين ۽ امتحان ڏيڻ کانپوءِ هنن کي انهن ڳالهين سان ڪابه دلچسپي نٿي رهي. جن ماهرن اهڙو نصاب تيار ڪيو آهي تنکي پڙهائڻ جو وسيع تجربو آهي ۽ نصاب جي تياريءَ ۾ مهارت رکن ٿا. انهن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته پرائمري ۽ مڊل اسڪولن ۾ سائنس پڙهائڻ جو موجوده طريقو شاگردن جي ذاتي تجربن ۽ سندن ماحول سان ڪوبه تعلق نٿو رکي تنهنڪري ڪين امتحان ۾ پاس ٿيڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه فائدو نٿو پهچائي. ماهرن پنهنجي راءِ ڏيندي چيو آهي ته سائنسي تعليم جو قدرتي ماحول سان گهرو تعلق هئڻ گهرجي ڇو ته شاگردن کي ڪتابن مان ايتري معلومات حاصل نٿي ٿي سگهي جيتري هننجي آسپاس موجود آهي. ماهرن جي خيال مطابق اسڪولن ۾ ڪتابي علم سيکارڻ سان گڏوگڏ ٻارن ۾ تجسس جو مادو ٻڻ پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ سائنسي تعليم ۾ ڪتابن بدران عملي ڪم کي بنياد بنائڻ گهرجي. انهيءَ خيال جي مدنظر هنن اهڙا نصاب تيار ڪيا آهن جن ۾ سائنس جي مختلف شعبن، مثلا علم طبيعي، علم ڪيميا ۽ علم حيات کي تقسيم ڪرڻ جي بدران سائنس کي ٽن گروپن ۾ ورهايو آهي، پهريون زنده شيون، ٻيو ماده ۽ توانائي ۽ ٽيون زمين ۽ ڪائنات. ماهرن طرفان انهن طريقن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي جيڪي سائنس جا استاد، شاگردن کي سائنسي نصاب پڙهائڻ لاءِ اختيار ڪندا. اهڙن طريقن ۾ ان ڳالهه تي خاص زور ڏنو ويو آهي ته شاگرد پاڻ پنهنجن مشاهدن ۽ استادن طرفان ڪيل عملي مظاهرن، زباني هدايتن، تصويرن، نقشن ۽ اوزارن جي ذريعي علم سکن.

اسانجي خيال ۾ ماهرن طرفان پيش ڪيل رپورٽ

۾ سائنسي تعليم جي موجوده سرشتي سان ٻن خاص خامين کي دور ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. هڪ اها ته شاگرد سائنسي حقيقتن کي پوريءَ ريت سمجهڻ کانسواءِ ئي بر زبان ياد ڪري ڇڏين ۽ ٻي اها ته سائنسي تدريس جو تجربن ۽ آسپاس جي قدرتي ماحول سان سڌو سنئون واسطو نٿو رهي تنهن ڪري شاگردن ۾ جستجو ۽ تجسس جو مادو پيدا نٿو ٿئي.

سائنسي تعليم جو اصل مقصد، قدرت جي اڻ کل اسرارن کي کولڻ ۽ انهن کي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪم آڻڻ آهي. اهو مقصد انوقت تائين حاصل نٿو ٿي سگهي، جيستائين شاگردن جا ذهن سائنسي حقيقتن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا. تنهنڪري اسڪول جي زماني ۾ ئي هننجي دماغي صلاحيتن کي اهڙيءَ راه تي لڳائڻ جي ضرورت آهي. ٻارن ۾ هونءَ ئي فطري طور تي تحقيق ۽ جستجو جو لاڙو موجود هوندو آهي پر سائنسي تعليم جو موجوده طريقو انهن جي فطري لاڙي کي اڀارڻ لاءِ ڪو به موثر ڪردار ادا نٿو ڪري. انجو نتيجو هي نڪري ٿو ته اهڙن ٻارن جون فطري صلاحيتون مايوسي ۽ عدم دلچسپيءَ جو شڪار ٿي ضايع ٿيو وڃن ۽ هو اڳتي هلي پنهنجي سر ڪو به نمايان يا تخليقي ڪم ڪرڻ جي قابل نٿا رهن. جيڪڏهين اسڪول جي زماني کان ئي سندن قوت مشاهده ۽ تجسس جي مادي کي مناسب تربيت ڏني ويئي ته اهڙا شاگرد يقيني طور تي تعليم جي آئنده مرحلن ۾ بهتر تحقيقي ۽ تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري سگهندا.

اسين حڪومت جي تعليمي اختياريءَ وارن جي سجاڳيءَ جو داد ڏيون ٿا جن سائنسي تعليم جي هلندڙ سرشتي ۾ سڌارا ۽ تبديليون آڻڻ لاءِ جوڳو قدم کنيو آهي. سائنسي تعليم ۽ تدريس ۾ هڪ عرصي کان انقلابي تبديليون آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي ويئي. حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته اسانجي ملڪ ۾ سائنسي تعليم ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڏني پئي وڃي پر اسانجا نوجوان تحقيق ۽ ايجاد جي ميدان ۾ ايترو اڳتي نه وڌي سگهيا آهن، جيترو ڪين هئڻ گهرجي.

بلاشڪ، انجو وڏو سبب وسيلن جي گهٽتائي رهي آهي پر اسڪولن ۾ ناقص سائنسي نصاب ۽ تعليم ۽ تدريس جي پراڻن طريقن جو به ان ۾ وڏو دخل آهي. تنهنڪري ان مقصد لاءِ حڪومت کي گهڻي کان گهڻيون رقمون مهيا ڪرڻ گهرجن ته جيئن جديد سائنسي اوزارن ۽ ٻين وسيلن جي گهٽتائي نئين نصاب جي ڪاميابيءَ ۾ رنڊڪ نه وجهي. سائنس جي تدريسي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ استادن جي ترتيب تي به توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي ڇو ته سٺو نصاب، سٺن استادن کانسواءِ بيڪار ٿي ويندو. سائنس تي آسان ۽ دلچسپ لٽريچر جي به گهڻي گهٽتائي آهي. حڪومت کي گهرجي ته ٻارن لاءِ سائنس جا دلچسپ ۽ معياري ڪتاب لکندڙن جي همت افزائي ڪري ۽ انلاءِ ڪو موثر پروگرام تيار ڪري. اهڙيءَ طرح ريڊيو ۽ ٽيليويزن جهڙن نشرو اشاعت جي عام ۽ مقبول ذريعن کي به انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي.

سائنسي تعليم کي ترقي ڏيارڻ ۽ بهتر بنائڻ جي انلاءِ به ضرورت آهي جو اڄوڪي دور ۾ هڪ ترقي ڪندڙ ملڪ جي خوشحاليءَ جو سمورو دار مدار سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي فروغ تي رهي ٿو. زندگيءَ جو هر شعبو، زراعت کانوٺي ملڪ جي دفاع تائين سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو محتاج آهي. نه رڳو هن برصغير ۾ پر دنيا ۾ هر هنڌ مسلمان قوم جي زوال جو هڪ وڏو سبب اهوئي رهيو آهي ته اها سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ٻين قومن کان پوئتي رهجي ويئي آهي. سائنسي ترقيءَ جي ميدان ۾ اسانجي ۽ ترقي يافته قومن جي وچ ۾ هڪ ڊگهو فاصلو پيدا ٿي چڪو آهي جيڪو وقت سان گڏوگڏ وڌندو رهيو. انهيءَ فاصلي کي رڳو انقلابي تيز رفتاريءَ سان ئي مٽائي سگهجي ٿو. اهو فاصلو جيترو گهٽ ٿيندو ويندو، اسين ترقي يافته قومن جي معاشي ۽ سياسي پنجي مان آزاد ٿيندا ويندا سين. تنهنڪري اسين سائنسي تعليم ۾ انقلابي تبديليون آڻڻ جي پروگرام جي گرمجوشيءَ سان آجيان ڪريون ٿا ۽ اميد رکون ٿا ته اسانجو تعليم پرائيندڙ طبقو به ان مان پورو پورو فيض حاصل ڪندو.

نثار احمد حداد

# هڪ گهرڙا جانور (Protozoa)

ڪائنات جي خالق جي عجيب ڪاريگرين مان تلاءَ جي پاڻيءَ جو اهو هڪ ڦڙو آهي جنهن کي خوردبينيءَ هيٺان ڏسڻ سان ان ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ننڍڙا جيو نظر ايندا. انهن مان ڪي تڪڙا تڪڙا اڳتي پوءِ چرندا ڏسڻ ۾ ايندا ته ڪن جي چرپر نهايت ئي آهستي هوندي ۽ انهن مان ڪي وڏا وري پنهنجن ننڍن ساٿين کي کائيندا رهندا هوندا. مطلب ته زندگيءَ جو هر عمل جيڪو وڏن جانورن ۾ هوندو آهي سو هنن ننڍن جيون ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙا جيو ”هڪ گهرڙا جانور“ سڏبا آهن. هي دنيا جا پهريان جانور ليکيا وڃن ٿا. علم حيوانات جي ماهرن هنن جانورن کي حيواني راڄ (Animal Kingdom) جي پهرين ٽوليءَ (phylum) ”پروٽوزئا“ (protozoa) ۾ شمار ڪيو آهي.

هي جانور ظاهري طرح تمام مختصر آهن پر حقيقت ۾ اهي وڏن جانورن جهڙا سڀ ڪم ڪن ٿا. وڏا جانور جيڪي ڪروڙين گهرڙن جا ٺهيل آهن تن جي مختلف گهرڙن جي وچ ۾ ڪم جي ورڇ هوندي آهي. سندن ڪي گهرڙا هاضمي، ڪي اخراج ۽ ڪي نسل جي واڌاري جو ڪم ڪن ٿا. پر ”هڪ گهرڙن جانورن“ مان هر هڪ جانور اهي سڀ ڪم اڪيليسر پورا ڪري ٿو. عام طرح ائين سمجهڻ ۾ ايندو ته هي ننڍڙا جيو ڪا به اهميت نه ٿا رکن. ايترن ننڍڙن جيون جو تعلق انسان سان ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. انهن مان گهڻا پاڻ کان وڏن انهن جانورن جو کاڄ آهن جيڪي وري پيا جانور کائي انساني غذا بڻجن ٿا. تصوير جو ٻيو رخ ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته هي جانور انسان لاءِ صرف فائديمند نه آهن بلڪ انسان ۽ ٻين جانورن جي جسم ۾ مفت خوري جي زندگي گذاري انهن ۾ ڪيترين ئي بيماريون به پيدا ڪن ٿا. انسان ۾ ڪيتريون ئي بيماريون جهڙوڪ مليريا ۽ پيچش وغيره، جن جو علاج اڄڪلهه جو طبي مسئلو آهي، هڪ گهرڙن جانورن جي ڪري ئي ٿين ٿيون.

بناوت جي لحاظ کان هڪ گهرڙن جانورن کي چئن مکيه درجن ۾ ورهايو ويو آهي.

١- ڪوڙن پيرن وارا هڪ گهرڙا (Rhizopoda or Sarcodina)

٢- چهبڪ وارا هڪ گهرڙا (Mastigophora)

٣- ڏگهڙن وارن وارا هڪ گهرڙا (Ciliata)

٤- غير جنسي ٻجن وارا هڪ گهرڙا (Sporozoa)

**١- ڪوڙن پيرن وارا هڪ گهرڙا:-** هيءَ جماعت اهڙن هڪ گهرڙن جي آهي جن کي ڪوڙا پير (Pseudopodia) ٿيندا آهن. ڪوڙا پير عارضي طرح جسم جي ڪنهن حصي تي ٺهن ٿا ۽ جلدي ڊهي وڃن ٿا. هي پير سنها ۽ آڱر جهڙا يا ويڪرا ۽ پکڙيل هوندا آهن.

هن جماعت جو هڪ عام فرد (Genus) جيتا مڙو (Amoeba) آهي. هي پاڻيءَ جي تلائن جي تري ۾ رهندو آهي. خوردبينيءَ ۾ ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته هي ننڍڙو جانور ماس (Protoplasm) جو هڪ ذرڙو ٿئي ٿو جيڪو سنهي پردي ۾ ويڙهيل هوندو آهي. هن کي ڪا خاص شڪل ڪانه ٿيندي آهي ۽ هر وقت پنهنجي شڪل بدلائيندو رهندو آهي. جنهن طرف چرڻ چاهيندو، سندس جسم جي ان طرف کان هڪ ننڍو آڱر جهڙو ڪوڙو پير نڪري ايندو ۽ سڄي جسم جو ماس ان ۾ وهي ويندو. ان طرح هو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين چرپر ڪري ٿو. جيتامڙي کي هٿ ۽ وات ڪونه ٿين تنهن هوندي به هو کاڌو پڪڙي

سان ان جو شاهدو ڪيو ويو. پتو پيو ته لبلبي جا ٻاهريا خليا (خانا) مري ويا آهن پر اندروني منتشر خليا، جيڪي گروهن جي صورت ۾ موجود هوندا آهن، اڃا تائين صحتمند آهن. هن تجربي مان اهو ثابت ٿيو ته لبلبي ۾ ٻن مختلف قسمن جا خليا آهن ۽ انهن ٻنهي قسمن جا ڪم الڳ الڳ آهن. ٻاهريان خليا هاضمي ۾ مدد ٿا ڏين ۽ اندريان خليا ذيابيطس کي ڪنٽرول ٿا ڪن. هيءَ حقيقت لينگر هينز ويهه ورهيه اڳ بيان ڪئي هئي.

پهرين مهاڀاري لڙائي تائين هن بيماري بابت ڪا به وڌيڪ معلومات حاصل ڪانه ٿي سگهي. ۱۹۲۰ع ۾ آمريڪا جي هڪ نوجوان ڊاڪٽر بينٽنگ (Banting) کي الله سائين هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ چونڊيو. هي هڏين جو ڊاڪٽر هو پر پنهنجون معاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ فزيالاجي (Physiology) پڻ پڙهائيندو هو. بينٽنگ پهريائين شايع ٿيل رپورٽون پڙهي چڪو هو جن مان هن کي اها معلومات حاصل ٿي ته لبلبي ٻن قسمن جي خانن جي ٺهيل آهي. اندرين خانن ۾ ذيابيطس کي ڪنٽرول ڪرڻ واري مادي سان گڏوگڏ پروٽين پڻ موجود آهي ۽ ٻاهرين خانن ۾ هاضمي واري رطوبت. هن پوءِ ذيابيطس واري مادي کي ٻاهر ڪڍڻ تي تجربا شروع ڪيا. هن لبلبيءَ جي ناليءَ کي ٻڌي ڇهن کان اٺن هفتن تائين انتظار ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ لبلبي کي جسم مان ڪڍي ان جو عرق ٻاهر ڪڍيو. هي عرق انسيولن (Insulin) هو. اهڙيءَ طرح ۱۹۲۱ع ۾ انسيولن ايجاد ٿي. هن تجربن دوران بيسٽ (Best) نالي هڪ ميڊيڪل جو شاگرد به بينٽنگ سان همراه هو.

انسيولن کي ٻاهر ڪڍڻ جو موجوده طريقو اهو آهي ته لبلبي کي تيزابي بنائي ان ۾ موجود پروٽين جي اثر کي زائل ڪيو ويندو آهي. ان ڪانپوءِ انسيولن جيڪا لينگر هينز خلين ۾ لڪل هوندي آهي، آسانيءَ سان ٻاهر ڪري لهندي آهي.

بينٽنگ ۽ بيسٽ ڪئناڊا جي ٽورنٽو شهر ۾ ۱۶ مئي ۱۹۲۱ع ۾ انسيولن دريافت ڪئي جنهن جو استعمال پهريون دفعو ساڳئي سال ۲۷ جولاءِ تي هڪڙي ڪتي تي ڪيو ويو. هن ڪتي ۾ منڪوسڪي ۽ وان ميرنگ واري طريقي سان هٿرادو ذيابيطس پيدا ڪئي ويئي هئي. پهريون انسان ليونارڊ ٿامپسن (Leonard Thompson) نالي هڪ چوڏهن سالن جو ڪئناڊا جو رهاڪو ڇوڪرو هو جنهن کي ۱۲ جنوري ۱۹۲۲ع ۾ پهرئين دفعي انسيولن ڏني ويئي. بس ان ڪانپوءِ ذيابيطس جي علاج ۾ هڪ نئون دور شروع ٿي ويو، جنهن ڪري اڄڪلهه ذيابيطس جا مريض هڪ صحتمند زندگي گذارين ٿا.

ذيابيطس ميلائيٽس جي باري ۾ گذريل پنجاهه سالن ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ٿي آهي. ۱۹۳۱ع ۾ ارجينٽائن جي بي-اي- هائوسي (B.A Housay) ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو ته پچوٽري (Pituitary) غدودن مان ڪجهه اهڙيون رطوبتون خارج ٿين ٿيون جن جو اثر انسيولن جي برعڪس ٿئي ٿو. هن دريافت ڪري مخالف اثر وارين دوائن ۽ ٻين ڪترن ئي سببن جي خبر پيئي. هنن مان ٿولهه به هڪ سبب آهي ڇاڪاڻ ته ٿلهي ماڻهوءَ ۾ انسيولن ڪافي حد تائين بي اثر ٿيو وڃي.

۱۹۴۶ع ۾ اي- لائوئيباٽيريگ (A.Louibatiereg) اوچتو اهو انڪشاف ڪيو ته جانورن کي انفيڪشن جي علاج لاءِ جڏهن سلفونائل يوريا (Sulphonylurea) ڏنو وڃي ٿو ته انهن جي رت مان کنڊ گهٽجي پاڳي گهٽجي وڃي ٿي، پر شرط اهو آهي ته انهن جي جسم ۾ لبلبي موجود هجي. هن دريافت سان ذيابيطس جي علاج ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿيو ۽ کائڻ وارين دوائن جي به ايجاد ٿي. هنن دوائن جو انسان ذات تي استعمال سنه ۱۹۵۶ع کان شروع ٿيو.

انسيولن جي ڪيميائي بناوٽ گذريل پنجاهه سالن کان هڪ معمو بڻيل هئي، جنهن کي ۱۹۵۶ع ۾ ڪئمبرج (انگلينڊ) جي ايف- سنگر (F.Singer) حل ڪيو. سنه ۱۹۵۷ع ۾ بگئانائيڊز (Biguanides) نالي دوا گولي لڌي ويئي. هيءَ دوا به خوراڪ جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿي ۽ سلفونائل يوريا کان مختلف آهي ۽ لبلبي جي ڪارڪردگيءَ کي تيز ڪري ٿي. بگئانائيڊز جي اثر هيٺ جيرو، رت مان کنڊ کڻي پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي ٿو.

ذيابيطس جي متعلق تحقيقات اڃا تائين جاري آهي. ۱۹۶۱ع ۾ رت ۾ گهٽ ۾ گهٽ مقدار انسيولن ماپڻ جو طريقو ايجاد ٿيو. هن وقت هڪ لک ۾ هڪ يونٽ انسيولن به ماپي سگهجي ٿي. هن ڄاڻ تحت ذيابيطس کي ٻن مختلف قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون ٻالپڻي جي ذيابيطس جنهن ۾ جسم جي اندر يا ته تمام گهٽ انسيولن پيدا ٿئي ٿي يا اها بلڪل ڪانه ٿي پيدا ٿئي. ٻي وڏيءَ

عمر جي ذيابيطس جنهن ۾ جسم ۾ ڪافي مقدار ۾ ڪڏهين ڪڏهين وڌيڪ مقدار ۾ انسيولن پيدا ٿئي ٿي .

ذيابيطس کي قبضي ۾ آڻڻ تي دنيا ۾ ڏينهن رات ريسرچ ٿي رهي آهي ۽ نتيجا تمام اميد افزا آهن. ويجهڙائي ۾ آمريڪا ۾ مريض جي لبلبي تبديل ڪري هن مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي. ڪجهه وقت اڳ سرچارلس بيسٽ، جنهن پنجاهه سال اڳ پنهنجي تعليمي زندگيءَ دوران ڊاڪٽر فريڊرڪ بينٽنگ سان گڏجي انسيولن ايجاد ڪئي هئي، اها ڳالهه ٻڌائي ته تمام جلد هڪ اهڙي انسيولن ايجاد ٿيندي جنهن جي هڪ انجيڪشن جو اثر ڪيترن ڏينهن تائين جسم تي رهندو. هن اهو به ٻڌايو ته هاڻي انسيولن خوراڪ جي وسيلي به استعمال ڪري سگهبي.

## ڇا ذيابيطس جو مريض صحتمند زندگي گذاري سگهي ٿو؟

عام ماڻهن جو خيال آهي ته ذيابيطس هڪ دائمي مرض آهي، ڇاڪاڻ ته ناسور (Carbuncle)، گينگرين (Gangrene)، سلهه، دل جي بيماري، موتيو ۽ ٻيا اهڙا موذي مرض هن سان وابسته آهن. انسيولن جي ايجاد کان اڳ اها لعنت عام هئي، ليڪن ١٩٢١ع ۾ انسيولن جي ايجاد کان پوءِ هن خطرناڪ مرض تي ڪافي حد تائين ڪنٽرول ٿي سگهيو آهي.

جديد دور جي علم جي برڪت ذيابيطس جي مريض کي هڪ عام صحتمند ماڻهو وانگر حياتي گذارڻ جي قابل ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ مريض جي عمر ۾ به اضافو ٿي سگهي ٿو، پر شرط اهو آهي ته هو پنهنجي صحت جي حفاظت ڪرڻ وارن اصولن کان چڱيءَ طرح واقف هجي. ذيابيطس جي مريض لاءِ هيءَ ڳالهه دلچسپي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي ته تمام گهڻين مشهور ۽ ممتاز شخصيتن هن مرض ۾ مبتلا رهڻ جي باوجود ڪافي عرصي تائين مڪمل ۽ صحتمند زندگي گذاري آهي. مثال طور مشهور برطانوي مصنف ايچ-جي-ويلز (H.G.Wells) ٢٥ سالن کان وڌيڪ عرصو ذيابيطس جي مرض ۾ مبتلا رهڻ جي باوجود هر هفتي هڪ ناول لکي مڪمل ڪندو هو. هن پنهنجي عمر جا ڇهه ورهيه انتهائي محنت ۽ جفاڪشي ۾ گذاريا ۽ اسي سالن جي وڏي عمر ماڻي. طب ۾ ١٩٣٩ع جو نوبل انعام کٽندڙ ڊاڪٽر جارج منٽ (George Minot) کي به طويل عرصي لاءِ هن بيماريءَ جي شڪايت هئي. اهڙيءَ طرح آمريڪن بلي ٽيلبرٽ (Billy Talbert)، جيڪو ٽينس جو مشهور رانديگر هو، به جواني کان ئي هن مرض ۾ مبتلا هو. هن هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن جو عنوان آهي "Diabetes is not necessarily a handicap" يعني ذيابيطس جي مريض لاءِ معذور هئڻ لازمي نه آهي.

پاڪستان ۾ تمام گهڻا اهڙا حضرات آهن جيڪي ذيابيطس جا مريض هوندي به وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن ۽ پنهنجا فرائض وڏي محنت ۽ خوش اسلوبي سان پورا ڪري رهيا آهن. منجهانئن ڪيترن جي ته عمر به ڪافي وڏي آهي. پاڪستان جو هڪ مشهور ۽ مايه ناز قانوندان جنهن جي عمر ٧٠ سالن کان به ٽپي ويئي آهي سو به ذيابيطس جو مريض آهي. اتفاق جي ڳالهه آهي ته هڪ وقت مغربي پاڪستان جي وزارت ۾ ٧٥ سيڪڙو وزيرن کي هن مرض جي شڪايت هئي.

برطانيه جي ماهر ذيابيطس آر-ڊي- لارنس (R.D Lawrnce) کان پڇيو ويو ته ذيابيطس جا مريض صنعتي ادارن ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا يا نه؟ هن جواب ڏنو ته جيڪڏهين اهڙا مريض تدبر ۽ فراست کان ڪم وٺي هن بيماريءَ جي اصولن تي ڪاربند رهندا ته پوءِ اهي هر ڪم چڱيءَ طرح ڪري سگهندا. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سوين اهڙا ماڻهو آهن جيڪي انسيولن استعمال ڪرڻ ڪري پنهنجا فرائض تمام سهڻي نموني سان پورا ڪري رهيا آهن. مثال طور ومبلڊن (Wimbledon) جي ٽينس ٽيم جا ٻه رانديگر انسيولين استعمال ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ٻيا ماڻهو جن ۾ فٽ بال جا رانديگر به شامل آهن، انسولين استعمال ڪن ٿا. دنيا جو هڪ مشهور پهلوان به ذيابيطس جي مرض ۾ مبتلا هو. ١٩٥١ع جي انگن اکرن مطابق برطانيه جا ١٥٠ اهڙا ڊاڪٽر هئا جيڪي انسيولن جو استعمال ڪندڙ هئا پر پنهنجا فرائض چڱيءَ طرح پورا ڪري رهيا هئا.

خوراڪ جي بنيادي اصولن تي سختي سان پابندي ۽ انسيولن جي استعمال ۾ باقاعدگيءَ سان ذيابيطس تي ڪنٽرول ڪرڻ آسان آهي. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته ذيابيطس جو مريض پنهنجي زندگي جي هر مرحلي

(بقايا ڏسو صفحو ٢٢)

ٻٽي هنڌ وڃي ٿو تہ اتي هن جي ڄڻي ۾ گند گاه جو ٻج
گڏجي ويندو آهي. گهڻا گندگاه جيڪي ٻج گهڻي انداز ۾
پيدا ڪن ٿا انهن کي روڪڻ تمام ڏکيو ٿيو پوي. جيئن تہ
دريائي ٻوٽي جو هڪ ٻوٽو هزارين ٻج پيدا ڪري ٿو جنهن
ڪري هن کي روڪڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو پوي.

ڪيترا گندگاهہ اهڙا آهن جنکي وڌڻ سان اهي وري
ڦٽڻ شروع ڪن ٿا ۽ اهي تمام جلدي وڌي ۽ پکڙجي وڃن
ٿا. مثلاً ڏڀ ۽ ڇٻر وغيره اهڙا گاه آهن جيڪي نباتاتي طريقي
سان وڌڻ شروع ڪندا آهن.

ڪن گند گاهن جي ٻجن جي اها خاصيت هوندي آهي
جو اهي ڄمنداڻ آهن جيتوڻيڪ انهن کي ڄمڻ واريون سڀ
حالتون ميسر هونديون آهن پر اهي آرام واري حالت ۾ هوندا
آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ انهن ٻجن جو مٿيون تهہ
سخت يا سٽيو هوندو آهي جنهن ڪري اهي ۴۰-۳۰ سالن
تائين بہ رهي سگهن ٿا ۽ ڪنهن بہ وقت ڦٽي سگهن ٿا.

ڪيترن گندگاهن جا گل تمام ننڍڙا هوندا آهن ان
ڪري سندن ٻج جهلڻ جو صحيح وقت معلوم نٿو ٿي سگهي.
انهن کي ناس ڪرڻ کان پهريائين سندن ٻج زمين ۾ ڇڻي
پون ٿا.

گهڻن گند گاهن ۾ بدبوءِ ٿيندي آهي يا زهريلا هوندا
آهن. ان ڪري مال يا ٻيا جانور انهن جي ويجهو ڪين ويندا
آهن جنهن ڪري هو ٻچي زمين ڪري پوندا آهن. ازانسواءِ
گندگاه سخت جان ٿيندا آهن جيڪي خراب آبهوا گهٽ وڌ
پاڻي ۽ بيڪار زمينن ۾ بہ پيدا ٿي وڃن ٿا.

## فصلن ۾ گند گاه روڪڻ جا اپاءَ

گندگاهن کي فصلن ۾ اپڙڻ کان پهريائين ختم ڪرڻ لاءِ
هيٺيان اپاءُ وٺڻ گهرجن:-

(۱) پوکي لاءِ صاف ۽ سٺو ٻج- گندگاهن جو ٻج گهڻو
ڪري فصلن جي ٻجن سان مليل هوندو آهي، جنهنجي پوکڻ
سان گندگاه وري فصل سان گڏ ڦٽڻ شروع ڪندو آهي. ان
کانسواءِ ٻاهرين ملڪن مان جيڪو ٻج اچي ٿو ان ۾ پڻ نون
قسمن جي گندگاهن جو ٻج مليل هوندو آهي تنهن ڪري
اهڙن ٻجن کي تپاسي پوءِ پوکڻ گهرجن.

(۲) وٿاڻ جي ڀاڻ کي چڱي طرح ساڙي پوءِ استعمال
ڪجي:- گند گاه جو ٻج وٿاڻ جي ڀاڻ ۾ جام هوندو آهي،
ڇاڪاڻ تہ جڏهن چوپايو مال ٻنيءَ ۾ گند گاه چرڻ ويندو
آهي تہ ان سان گڏ انهن جو ٻج بہ انجي پيٽ ۾ ويندو آهي.
اهو ٻج هضم نہ ٿيندو آهي پر ساڳيءَ حالت ۾ ڇيڻي سان گڏ
نڪرندو آهي. ڀاڻ جيڪڏهن چڱي طرح سان سڙيل هوندو تہ
ان ۾ گند گاهن جي ٻجن جي گهڻي عرصي تائين ڄمڻ جي
شڪتي نہ رهندي آهي. پر جيڪو ڀاڻ چڱي طرح ڳريل نہ
هوندو آهي ان ڀاڻ ۾ گند گاهن جا ٻج پنهن جي ڄم جي
شڪتي محفوظ رکندا آهن ۽ ڪنهن بہ سازگار حالتن ملڻ
سبب ڦٽڻ شروع ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ ٻنيءَ
۾ وٿاڻ جي ڀاڻ وجهڻ کان پهريائين انهيءَ کي چڱي طرح
ساڙڻ گهرجي.

(۳) گندگاهن کي ٻجڻ نہ ڏجي:- ڪي گندگاه تمام
گهڻو ٻج پيدا ڪن ٿا. جيئن تہ دريائي ٻوٽي (Conyza) جو
هڪ ٻوٽو اٽڪل ۵۴۰۰۰ ٻج جا داڻا پيدا ڪري ٿو.
اهڙي طرح جهنگلي ڄٽ (Corchorus) جو هڪ ٻوٽو اٽڪل
۱۲۰۰۰ ٻج جا داڻا پيدا ڪري ٿو. تنهن ڪري انهن
گاهن کي ٻجڻ نہ ڏجي ۽ اهڙن گاهن کي ڪچيءَ ۾ ئي ختم
ڪري ڇڏجي. جيڪڏهن ڪنهن گند گاه جو ٻج پچي وڃي
تہ انهيءَ کي وڍي ساڙي ڇڏجي يا کڏ کوٽي پوري ڇڏجي.

(۴) پاڻي جي نالين ۽ اڏن تي بيٺل گند گاهہ ختم ڪرڻ گهرجي:-
پاڻيءَ جون نالين ۽ اڏون، ٻنيءَ جون ڪنڊون ڪانبيل ۽ ٻنا
وغيره گهڻو ڪري گندگاه سان ڍڪيل هوندا آهن. جيڪڏهن
انهن کي ٻج جهلڻ کان پهريائين لٽي ڇڏجي تہ انهن جي
واڌ روڪجي ويندي ۽ ان کانسواءِ بيمارين ۽ جيتن کان بہ
ڇوٽڪارو ملندو جيڪي ايندڙ فصل لاءِ سورچو جهليو وينا
هوندا آهن.

(۵) ريج جا بہ پاڻي ڏجن:- زمين جي ريج ڪرڻ لاءِ ان
کي ٻہ پاڻي ڪچي پڪي جا ڏيڻ گهرجن. پهريون ڪچي جو
پاڻي هلڪو ڏجي تہ جيئن گندگاهہ نڪري اچن ۽ ٻئي پاڻي
يعني پڪي جي پاڻي کان پوءِ زمين کي پوکي لاءِ تيار ڪجي
ان کي سنا ۽ اونها هر ڏيڻ گهرجن، جو تہ انين ڪرڻ سان
جيڪي بہ گندگاهہ زمين ۾ ڦٽندا سي سڀ ختم ٿي ويندا.

(۶) فصلن جو وارو ڪرڻ گهرجي:- فصلي جي گندگاهہ
سان جند آزاد ڪرائڻ لاءِ فصلن جي هير ڦير تمام ضروري آهي.
ڪو بہ هڪ فصل هر سال ساڳي زمين ۾ پوکبو رهبو تہ ان
۾ ساڳئي فصل جو گندگاهہ گهڻو ٿيندو. پر جيڪڏهن
فصلن کي مٽي سٽي پوکبو تہ هي انديشو بلڪل ختم ٿي

ممتاز علي ميمڻ



# ٻارن جا صفحا

## "خلائي لباس"

خلائي مسافرن لاءِ هڪ اهڙي قسم جو لباس هجڻ گهرجي جيڪو ٻه لک ۳۹ هزار ميل پري چنڊ ڏانهن سفر تي رواني ٿيڻ وقت هنن جي زندگيءَ کي محفوظ رکي سگهي. خلائي لباس ٻه ڄڻ خلائي جهاز وانگر هوندو آهي. ان لباس ۾ اهڙيون خاصيتون هونديون آهن جو جڏهن خلائي مسافر پنهنجي خلائي جهاز کان پري ٿي وڃي تڏهن به هو امڪاني خطرن کان محفوظ رهي سگهي. يعني اهو لباس، سردي، گرمي ۽ چنڊ جي مٿاڇري تي (جتي هوا جو وجود ئي نه آهي) صحيح ۽ سلامت رکي سگهي.

خلائي لباس ۾ اهم حصو ان جو "پشتاره" آهي، جيڪو خلائي مسافرن جي پٺن تي هوندو آهي. ان ۾ آڪسيجن ڀريل هوندي آهي، جيڪا خلائي لباس ۾ فضا جي دٻاءَ ۽ هوا جي گردش کي برقرار رکڻ ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. ڪن



اوزارن جي ذريعي انهيءَ هٿرادو هوا کي ٿڌو رکيو ويندو آهي ۽ ان ۾ ضرورت آهر گئس جي گردش جو انتظام هوندو آهي.

پشتاره جي ايئر ڪنڊيشننگ نظام کي حيرت انگيز ڪم انجام ڏيڻو پوندو آهي، جيئن خلائي لباس ۾ هڪ آرام ڏيندڙ درجه حرارت قائم رهي سگهي. پشتاره سان لاڳو اوزارن کي خلائي مسافر پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائيندو آهي. سندس چيلهه سان ٻڌل ماپ جو اوزار لباس جو درجه حرارت ٻڌائيندو رهندو ۽ خلائي مسافر انهيءَ پشتاره جي مدد سان هڪ ئي وقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ چئن ڪلاڪن تائين چنڊ تي هيڏانهن هوڏانهن هلي چلي سگهي ٿو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن خلائي مسافرن مان ڪو هڪ مسافر چنڊ جي سطح تي بيمار ٿي پوي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ اهڙيءَ حالت ۾ بيمار

(بقايا ڏسو صفحو ۲۸)

**(١) آنا :-** مادي تمام ننڍڙن آنن جا جهڳٽا وڻن جي پنن تي لاهيندي آهي، ته جيئن جنهن وقت انن مان سوپٽ ڦٽي نڪري ته ان کي خوراڪ پرسان ميسر ٿي سگهي. اڪثر ڪري مادي ٻه يا ٽي سؤ آنا ڏيندي آهي، جن مان رڳو ٿورا ڦٽندا آهن. اهي آنا سياري جي مند ۾ ڪين ڦٽن، بلڪ بهار جي مند ۾ ڦٽندا آهن.




(١) مورننگ ڪلوڪ (Mourning cloak) پوپٽ جا آنا
(٢) سويلو ٽيل (Swallow tail) پوپٽ جا آنا
(٣) ڪيبيج (Cabbage) پوپٽ جا آنا

**(٢) سوپٽ يا لاروا:-** ٿورن ڏينهن ۾ آنن مان ڪينئان ڦٽي نڪري ايندا آهن، جن کي "سوپٽ" چئبو آهي. آنن ڏيڻ کان پوءِ مادي ته مري ويندي آهي، پر ان کان اڳ نر به مري ويندو آهي. ان ڪري سوپٽ کي "پيوپا" تائين پهچڻ لاءِ سڀ منزلون پنهنجي سر طئہ ڪرڻيون پونديون آهن. هي پهرين ته ننڍڙو ٿيندو آهي، پر جيئن ته هي هيچڙي ٿيندو آهي، ان ڪري جيڪا به شئي سندس ويجهو ايندي ان کي کائي چٽ ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪري پوکن ۽ فصلن کي به نقصان رسندو آهي. گهڻي کائڻ جي ڪري وڏو جلدي ٿي پوي ٿو ۽ ان جي کل سوڙهي ٿيڻ ڪري لهي وڃي ٿي ۽ اندران ڪيس نئين کل ملي ٿي. اهڙيءَ طرح ٽي چار کلون لاهي ٿو ۽ پيري پيري سان وڏو ٿيندو، اچي ٽين حالت ۾ پهچندو آهي.

**(٣) پيوپا يا ڪرسيليس:-** سوپٽ جنهن وقت پيوپا جي حالت ۾ ايندو آهي ته انڌو هوندو آهي. هن کي نه ئي کائڻ لاءِ ٽنگون ۽ نه ئي وري اڏڻ لاءِ پر هوندا آهن. هو رڳو پيٽ جي ذريعي چري سگهندو آهي. "پيوپا" لفظ جي معنيٰ ئي آهي "گڏي" يا "پتلي" (Puppet). اهو نالو ڪيس ان ڪري ڏنو ويو آهي جو هو گڏي وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هي رڳو آرام ڪندو آهي. هن حالت ۾ نه ڪاڏو کائيندو آهي نه ئي وري پاڻي پيئندو آهي. هي ڪنهن جي به خلاف ڪجهه به رد عمل نه ڏيکاريندو آهي، ان جي حالت ائين هوندي آهي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي ٻانهن ۽ ٽنگن کي نوڙيءَ سان ٻڌي ڇڏجي. ٿوري وقت کان پوءِ هن مان پوپٽ پرن سوڌو ٻاهر نڪري ايندو آهي.

**پوپٽ جا قسم:-** هن جا گهڻائي قسم ٿين ٿا جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(١) ڏاڙهونءَ جو پوپٽ:- هي پوپٽ قد جو ننڍو ۽ رنگ جو واڱڻائي ٿئي ٿو. هن جو سوپٽ ڏاڙهونءَ ۾ گهڙي، ان کي چٽ ڪري ڇڏيندو آهي.

(٢) سارين جو پوپٽ:- هي قد جو ننڍو ۽ رنگ جو گهاٽو پورو يا خاڪي ٿيندو آهي. هن جي پرن ۾ مٿين ڪنڊن تي ڪارا نشان ٿيندا آهن. هن جي مادي سارين جي سلن جي هيٺين پاسي آنن جا ڇڳا لاهيندي آهي. هنن آنن مان سوپٽ نڪرندا آهن ۽ اهي سارين جي پوک کي کائي ناس ڪري ڇڏيندا آهن.

(٣) نارنگيءَ جو پوپٽ:- هي سنگترن يا ليمن جي وڻن تي لڌو ويندو آهي. هن کي پرن تي ڪارا ۽ پيلا پٽا ٿيندا آهن. هن جو سوپٽ سنگترن ۽ ليمن کي نقصان پهچائيندو آهي.

Registered No. S-2956

# MONTHLY Science MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 3 | AUGUST 1973 | No. 8



"خلائي پرواز دوران، خلائي جهاز مان ٻاهر نڪري خلا ۾ پنڌ ڪرڻ جو تجربو"

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Dr: Ghulam Ali Allana, Manager, Monthly "Science", Institute of Sindhology, University of Sind, Sind.